# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 1995

# SINDH ACT NO.IX OF 1995

# شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE SUGAR FACTORIES CONTROL (SINDH AMENDMENT) ACT, 1995

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1950 جي ايڪٽ نمبر XXII جي دفعه 17_A جو اضافو

Insertion of Section 17_A of Act No.XXII of 1950

3. بنيادي نموني جو ضروري لڳائڻ

Compulsory installation of Core sampler

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 1995

# SINDH ACT NO.IX OF 1995

# شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1995

# THE SUGAR FACTORIES CONTROL (SINDH AMENDMENT) ACT, 1995

[25 آڪٽوبر 1995]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1950 جي ايڪٽ نمبرXXII جي دفعه 17_A جو اضافو

2. شگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ، 1950 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ دفعه 17 کانپوءِ، هيٺيون نئون دفعه شامل ڪيو ويندو:

| | |
|---|---|
| “17_A. شگر فيڪٽريز ڪنٽرول (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1995 جي نافذ ٿيڻ کانپوءِ قائم ڪيل هر فيڪٽري، تفصيلن وارو هڪ ڪور سيپمپلر لڳائيندين ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | Insertion of Section 17_A of Act No.XXII of 1950<br>ڪور سيمپلر ضروري لڳائڻ<br>Compulsory installation of Core sampler |

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**